# مرزا قليچ جي شاعريءَ جون عروضي صنفون: هڪ اڀياس

# A Study of Mirza Kalich Beg's Poetries Forms

سيد محمد اشرف راشدي

***Abstract:***

*Mirza Kalich Beg was one of the best Aroozi poet of British period. He succeed to practice all prosody forms. Like; Fard, Qatta, Rubai, Masnavi, Ghazal, Qasida, and manystructure of Musamat. He made new changes in poetry to do it modernize as well as he adopted old tradition of poetry. There is combination of Sindhi and Persian languages in his poetry. Kalich's poetry is treasure of linguistic, lexicography, daily routin topics, Imagination, Mysticism and his poetry is also dept of literary features as: Pun, Idioms, Simile and Metaphor.*

*In this paper I have tried to analysis Mirza'sprosodic forms from his poetry along with some his ideology explanations.*

*In short the Mirza Qalich Beg has played an important role in the Aroozi poetry. His name should be written ingoldenletters upon the silver pages in the history of Sindhi literature. Because he was a very hard worker poet. Due to long sphereof this topic there is not a comprehensive study in this paper, therefore Kalich chair should have originate research about this topic in the circle of M.Phil or P.HD thesis.*

سنڌي ادب جي اُپ تي نظر ڪجي ٿي ته چند شخصيتن جا نالا چمڪندڙ تارن جيان سدا روشن نظر اچن ٿا، جن پنهنجي جوت ۽ جمال، سونهن ۽ سُهاءَ سان سنڌي سماج ۾ هڪ پاسي خوب ادبي سُهائو ۽ سوجهرو پکيڙيو ته ٻئي طرف ان ۾ ساهه ڦُوڪيو. جنهن سان سنڌي ادب جي جهولي ڪارگر ڪرڻ سان منور ٻڌجي علمي ادبي ميدان ۾ متحرڪ ٿي. اهڙين اعليٰ ظرف علم پرور هستين ۾ قيصرِ هندّ، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ به هڪ هو. جنهن پنهنجي عقل ڏاهپ، فهم ۽ فراست سان سنڌي ادب جي گودڙي علم ادب جي قيمتي موتين ۽ جواهرن سان نه فقط ڀري، سنواري ۽ سجائي پر پنهنجي قلم جي جولانيءَ سان هن خسته حال گودڙي کي گُدام جي صورت ۾ ڏيڻ ۾ ڀڻ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. تنهنڪري سنڌي قوم کي اجوڪي سنڌي ادب تي فخر آهي.

جڏهن جڏهن اسان علم عروض جي ڪُهنہ مشق، نامر ڪتن ۽ استاد الشعراء جي ڳالهہ ڪنداسين تہ مرزا قليچ جو نانءُ صف اول ۾ ڳڻيو ويندو ڇاڪاڻ علم عروض خاطر سندس علمي ۽ عقلي پورهيو قابلِ تعريف آهي. جڏهن سندس شعري شهپارن جي ورق گرداني ڪجي ٿي تہ منجهس علم عروض جي مڙني صنفن تي طبع آزمائي ڪيل نظر اچي ٿي. جهڙوڪ: فرد، قطعہ، رباعي، قصيده، غزل، مثنوي، مسمط، مخمس، مسدس، مثمن، مناجات، سي حرفي ۽ دعا وغيره. اسان هتي قليچ بيگ جي عروضي صنفن جو اڀياس ڪنداسين، ان کان اڳ علم عروض جي وصف ۽ وضاحت ڪجي ٿي.

جيئن تہ علم عروض شاعريءَ جي ماپ طور ۽ بحر وزن جي ڄاڻ کي چئبو آهي اهڙن اصولن لاءِ ڪجهہ عالمن اديبن جا رايا ۽ حوالا پيش ڪجن ٿا.

”عروض، ذ (ع) شعر جي بحر وزن معلوم ڪرڻ جو علم.“ (بلوچ، 1998: 436)

”علم عروض انهيءَ علم کي چوندا آهن، جنهن ۾ نظم جي درستگي ۽ جوڙجڪ جي قاعدن جو بيان تفصيل وار ڏنل هجي.“ (خليل، 2018: 60).

علم عروض لاءِ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو تہ: ”ڪلام موزون بہ ٿئي تہ ناموزون بہ. يعني نثر بہ نظم بہ. موزون جي معنيٰ وزن وارو يعني توريل. تڏهن ڪلام يا ڪلمن، يعني لفظن تورڻ لاءِ ڪو ميزان يا ساهمي گهرجي، اها ساهمي آهي علم عروض.“ (قليچ 2016: 52).

”علم عروض اهو علم آهي جنهن مان نظم جي قائدن جي پروڙپوي ٿي.“ (سائل، 2013: 5).

عالمن جي مٿين حوالن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ علم عروض شاعريءَ جي مقرر ڪيل ماپن، وزنن ۽ اصولن جي ڄاڻ جو علم آهي. مرزا قليچ صاحب جي شاعري جيئن نون موضوعن ۽ عنوانن جي لحاظ سان گونا گون آهي، تيئن عروضي صنفن ۾ پڻ منفرد ۽ نياري آهي، سندس شاعري صنفن جي وسيع ميدان تي مشتمل آهي. هن هيٺ مرزا قليچ جي ڪجهہ عروضي صنفن جو اڀياس پيش ڪجي ٿو.

فرد: هم وزن ٻن سٽن جي الڳ قافيا رکندڙ شعر کي فرد چئجي ٿو. مرزا قليچ بيگ وٽ مختلف موضوعن ۽ عليحده بحر وزنن تي فرد ملن ٿا، جنهن مان نموني طور ڪجهہ فرد بحر رمل مثمن ۾ رچيل ڏجن ٿا. هڪ فرد ۾پاڻ شمع جي عجيب عبادت ۽ رياضت جي ڳالهہ هيئن ڪري ٿو.

بس رياضت شمع جي، جا رات ساري ٿي سُجاڳ،
هڪڙي ٽَنگ تي ٿِي بيهي، ۽ ٿي روئي ۽ ٿي جلي.

هتي زرد منهن ۽ لالہ رنگ (خزان ۽ بهار) جا ڪنايہ پيش ڪري پنهنجي غمي ۽ خوشي جو اظهار ڪري ٿو تہ:

زرد منهن منهنجي تي جاري، لُڙڪ آهن لالہ رنگ،
ڏس اچي ٿئي گڏ ٿيا، مون وٽ خزان توڙي بهار.

وري بحر هزج مثمن سالم جي وزن تي هڪ فرد ۾ قليچ محشر جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ جيڪي انسان ڏوهن کان پالهو ڪن ٿا ۽ خوف خدا ۾ هر گهڙي جهجندا وتن ٿا، تني جي پاندن ۽ پلاندن کي دوزخ جي باهہ نہ ساڙي سگهندي.

نہ سگهندي منهنجي دامن کي لڳي ڪجهہ باهہ دوزخ جي،
جي محشر ۾ ادا مون ساڻ، هونديون هي اکيون آليون. (بيگ، 2012: 150،149)

**قطعہ:** "قطعہ لفظ جي لغوي معنيٰ آهي - ٽڪرو، ڪنهن بہ قصيده يا غزل مان مطلع ڪڍي ڇڏبو تہ باقي رهيل ٽڪرو قطعہ سڏبو. قطعہ جا شعر گهٽ ۾ گهٽ بہ ٽين ٽا ۽ زياد جي ڪا حد مقرر نہ آهي. پهرين ٻن مصرعن جي لاءِ هم قافيہ هئڻ ضروري نہ آهي پر شعرن ۾ قافيہ جي پابندي لازمي آهي. قطعہ ۾ گهڻو ڪري نصيحت جهڙا مضمون بيان ڪرڻ ۾ اچن ٿا." (**خليل**، 2018: 278)

مرزا قليچ بيگ وٽ قطعہ جي پڻ وڏي قطار آهي، جنهن جو مڪمل اپياس پيش ڪرڻ نهايت مشڪل آهي، هتي فقط انهن مان ڪجه قطعہ پيش ڪجن ٿا. بحر رمل مثمن جي وزن واري هن قطعہ ۾ حسن ۽ عشق جو موضوع ملي ٿو، جيئن ڪو عاشق محبوب جي حسن تي موهت ٿئي ٿو تيئن پڻ محبوب عاشق جو ديوانو ٿئي ٿو مطلب ٻئي هڪٻئي جا عاشق معشوق آهن.

گرچہ عاشق حسن تي، معشوق جي مشتاق آهہ
ان کان وڌ معشوق ٿو، عاشق تي پڻ عاشق **رهي**،
عشق وِچڙي حسن سان، ۽ حسن وچڙي عشق سان،
ٻئي ٿيا هڪ ٻئي جا عاشق، عقل پڻ ايئن ٿو **چوي**.

ساڳئي ئي بحر جي هن قطعہ ۾ جواني ۽ پيريءَ جو موازنو احسن استعارن سان پيش ڪري ٿو، جيئن جوين ۾ انسان تير وانگر سنئون سڌو، با همت ۽ ڪڙو هوندو آهي ۽ چنڊ جيان روشن ۽ پرڪشش ٿئي تہ وري سجو ڪٽنب ڇئي آڪئي ۾ هوندو

آهي پر وري پيرسني ۾ پوڙهائپ ۾ ڪمان جان ڏوڙو ۽ ڪمزور ٿئي ٿـ حلال جي چنڊ جيان نور بـ جهڪو ٿئيس تـ وري سڄي ڪٽنب جو بـ ويچارو محتاج رهي.

تيِر سيڪو هئي جواني ۾، ۽ پيريءَ ۾ ڪمان،
بدر سيڪو هئي جوانيءَ ۾، ۽ پيريءَ ۾ حلال،
تنهنجي زال، ۽ پٌٽ ڏيون تنهنجا، جوانيءَ وقت ڪاله،
هئا سيئي تنهنجو عيال، اڄ آهين تون تن جو عيال.

بحر هزج سالم جي وزن تي آڏاريل هڪ قطعہ ۾ نصيحت ڪري ٿو تہ جي تون شيشي جو گهر (حساس دل) رکين ٿو تہ پٿرن سان نہ جهيڙ (سنگدل سان نہ لئن لاءِ) جي پاڻ کي عزتدار ۽ شريف ڪوٺائين تہ ٻين جي عزت ڪرڻ سک.

هو هڪڙو شيشہ گر ڪنهن هنڌ، ڏگهي ڏاڙهي هئي جنهنجي،
نصيحت هڪ حڪيم ان کي، ڪئي آهي پڙهي جا مون،
رکين ٿو گهر جي شيشائون، نہ ڪر تون جنگ پهڻن سان،
رکين ٿو جي ڏگهي ڏاڙهي، نہ وٺ ڏاڙهي ٻين جي تون.

بحر تقارب محذوف جي وزن تي هڪ قطعہ ۾ راڳ جي اثر جو ذڪر هن طرح ڪيل آهي تہ:

عجب ڏس ٿئي راڳ ۽ ساز جو
مِرون، جـــن، انسان تي ٿـــو اثر،
عـــرب ۾ هلي راڳ تي اُٺ تڪِو،
ڪـٽي بار ٻيڻو اچي خوش نظر،
۽ جوڳين جي مُرليءَ تي هٿ هند ۾،
لُڏي نانگ ڪيئن مست ٿئي سربسر،
اثر راڳ جو جانـور تـــي ٿـــئي،
نہ ماڻهوءَ تي ٿيو تہ آهي او <u>**خر**</u>

(بيگ، 1959: 4، 5، 36، 87)

**رباعي**: رباعي چئن مصرعن وارو اهڙو شعر آهي، جنهن جي پهرين، ٻين ۽ چوٿين مصرع ۾ هم قافيا آڻيا آهن. جڏهن تہ ٽين مصرع قافيي کان بغير هوندي آهي. رباعي رڳو

بحر هزج مثمن سالم جي ارڪان ۾ زحاف آڻڻ سان ٺاهي ويندي آهي. رباعي مرزا قليچ بيگ جي مرغوب صنف ٿي پائنجي جو هن صنف تي سندس الڳ ڪتاب "موتين جي دبلي" پڻ ملي ٿو ته سندس گهڻيون رباعيون چندن هار ۾ پڻ جرڪي رهيون آهن. هتي چندن هار مان چند رباعين جو اپياس ڏجي ٿو. بحر رمل مخبون مثمن جي وزن تي هي ربائي محيط آهي. هن ۾ سالڪ جي اندرين حواسن جو ذڪر ڪري ٿو ته جنهن انسان جي دل، اک، زبان ۽ ڪن تان ظاهري پردا هٽي وڃن ته هو دل جي پاڪائي ۽ نظر جي وسعت سان هر جاءِ ۽ هر گهڙي پنهنجي يار کي پسي ٿو.

دل جي دانا ٿئي ته پوءِ ان جي بغل ۾ يار <u>**آهه**</u>
اک جي بينا ٿئي ته ان کي، هر طرف ديدار <u>**آهه**</u>
ڪن جي شنوا ٿئي ته حق جي، ذڪر ريءَ بيو ڇا ٻُڌي،
چپ جي گويا ٿئي ته پوءِ، هر ڳالهه ۾ اسرار <u>**آهه**</u>

بحر مجتث مقصور محذوف جي وزن تي رچيل هن رباعي ۾ قليچ بيگ بندي جي بندگي ۽ نوڪري کان عاري آهي، هو محبت ۾ ڪنهن جي غلامي ڪرڻ کي قبول ڪري ٿو. پر زور ۽ ڏاڍ تي ڪنهن جو زيردست ٿيڻ نه ٿو باسي.

خدا ڪري ته ڪو بندي جي <u>**بندگي**</u> نه ڪري،
جي وس پڇيس ته اهڙي، هو <u>**گندگي**</u> نه ڪري،
پلي ڪنهن جي محبت ۾ ٿئي غلام وڃي،
مگر ڪنهن جو هو نوڪر ٿي <u>**زندگي**</u> نه ڪري.

وزن بحر رمل مخبون مثمن، هن رباعي ۾ پاڻ دل جي وصف بيان ڪري ٿو ته دل وفا ۽ سچائي جو گهر آهي. هن کي نه ٽوڙيو نه آزاريو ڇو ته الله جو گهر آهي.

سينو هيءُ آهي اهو جو، ڪ <u>**وفا**</u> جو گهر آهه
ڪعبو هي آهي، جو نت صدق <u>**صفا**</u> جو گهر آهه
ناهي شيشو ۽ نه پٿر، ۽ نه ڪا تصوير هيءَ
دل نه پيچ منهنجي، اي ظالم! هي <u>**خدا**</u> جو گهر آهه
(بيگ، 1959: 14، 77، 187)

هتي مرزا صاحب محبوب حقيقي کي هر وقت پسڻ جي تمنا ڪري ٿو ۽ هر ساھ سان سندس سار کي لازم ڄاڻي ٿو. اگرچہ ان کان غافل ٿئي ٿہ اھو سندس آخري پساھ هجي.

توکان آئون هجان پري، نہ هڪ **لحظو** شال،
توريءَ نہ ڏسان ڪڏهن، ڪٿي ڪِي **پيو** شال،
تو ڌاران ڪٽان پساھ، جو پنهنجي منهن،
يا رب سو پساھ پوِيون، هوئي **منهنجو** شال
(بيگ، 2012: 148)

مثنوي:شاعريءَ جي هيءَ صنف موضوع جي لحاظ کان تمام وسيع آهي شاعريءَ جا سڀئي قسم هن ۾ ادا ڪري سگهجن ٿا. هن ۾ خاص ڪري قصن ۽ واقعن کي بيان ڪيو ويندو آهي. مثنويءَ جي وصف بابت خليل لکي ٿو تہ: ”لفظ مثنوي لاڳاپو رکي ٿو مثنيٰ لفظ سان. جنهن جي معنيٰ آهي - ٻٽو يا جوڙو. انهيءَ شعر تي اهو نالو انهي ڪري پيو جو ان جي هر هڪ بيت جي مصراعن جو قافيو هڪ جهڙو هوندو آهي ۽ هن جو هر هڪ شعر پنهنجو جدا قافيو رکندو آهي.“ (خليل، 2018: 250)

جيئن مثنوي جي موضوع جو ميدان ڪشادو آهي تيئن مرزا قليچ جا ڀانت ڀانت جا عنوان مثنوين ۾ ملن ٿا. زيور عورت جي سونهن سوڀيا جو سامان هوندا آهن. بحر رمل مثمن جي وزن تي هڪ مثنويءَ ۾ ماءُ پنهنجي ڌيءَ کي زيورن جي الڳ الڳ نالن جي تمثيلن سان دين دنيا جي ڀلائيءَ وارا گُڻ سيکاري ۽ سمجهائي ٿي.

ڇوڪريءَ هڪڙيءَ پڇيو هڪ ڏينهن پنهنجي ماءُ کان،
زيـورن مـــان آهي بھتر ۽ چڱو ڪهڙو امان!
تڏهن چيو ماڻس محبت مان، اي منهنجي پياري ڌيءَ،
ڪن ڌئي ٻُڌ، ٿي ڪريان، توسان ڳهن جي ڳالھ هيءَ،
ڏانوڻي ڏاهپ جي پياري، تون مٿي تي رک مدام،
جنهن سان دنيا ۾ رهن، هر طرح ٿا خوش خاص عام،
وجه سچائيءَ جون سڳيون، وارن ۾ ويڙهي تون ڪٺي،
تن سان چوٽي ڦُل چڱائيءَ جا رکن خوبي گهڻي،
نڪ ۾ نٿ ٿي، ننگ ۽ ناموس جي پياري ٿهي،
پرم جو بُولو ۽ بينسر پڻ پلي تنهن سان رهي،
جي پڇين ڳهڻا ڳچيءَ جا، قرب جي ڪنمال پاءِ،
ديـــنداريءَ جــي بہ دُهرِي، آهي لازم تنهنجي لاءِ،

مرزا قليچ بيگ وٽ بحر رمل مثمن ۾ الله تعالي جي سھڻن اسمن جي واڪاڻ
تي مشتمل مثنوي پڻ ملي ٿي، جنھن مان ڪجھ بيت ڏجن ٿا.

اي عزيز آسماءَ حُسنيٰ خلق ڪي ٿيا دل پذير،
پــاڪ نالا ٿيا نوانوي، انھيءَ جا بينظير.
خالق ۽ باري، مصوّر، حق، الله ۽ صمد،
واجد ۽ ماجد مھيمن، مومن ۽ واحد، احد.
اوّل ۽ آخر، لطيف ۽ ظاھر ۽ باطن، خبير،
مافع ۽ ضار ۽ حفيظ ۽ معطي ۽ مانع، ڪبير.
حّي، قيّوم ۽ سلام، ۽ محصي ۽ مبديء، معيد،
مقتدر، متڪبّر ۽ قادر، عزيز آھي شھيد.

بحر رمل مثمن ۾ سندس ھڪ مثنوي اکين جي اصطلاحن تي ملي ٿي، جنھن ۾ تجنيس تام جو عنصر نمايان نظر اچي ٿو (اک لڳڻ)1. ننڊ اچڻ 2. حُور جھڙي سھڻي حسينا سان چارچشمي ٿيڻ. (اک پيچڻ) اکين سان محبت جو اظھار ڪرڻ. (اک چورائڻ) شرمائي ھلي وڃڻ.(اک پٽڻ) 1. بار جو دنيا ۾ پيدا ٿي اک کولڻ. 2. ھوشيار ٿيڻ يا دور انديشي ڪرڻ. (اکيون ٻوٽڻ) 1. ننڊ ڪرڻ 2. مري وڃڻ 3. بي حيا ٿيڻ. (اک ڏيکارڻ) 1. دوست جو ديدار ڪرائڻ 2. ڪاوڙ جي نگاھ سان گھورڻ. (اکيون ڪڍڻ) 1. سخت سزا ڏيڻ ڪاوڙ ۾ نھارڻ 2. انڌو ڪرڻ. (اکيون وجھڻ)تڪڻ، گھورڻ، لالچ ۽ برائي سان نھارڻ. (اک نہ ٻڏڻ) پرواھ نہ ڪرڻ، گھٽ سمجھڻ. (اک ۾ رکڻ) نظر ۾، تاڙ ۾، سنڀال ۾ رکڻ. (اک ۾ ڪک پوڻ) بدگمان يا شڪي ٿيڻ.

اک لڳي ويم خواب ۾، ھڪ حُور سان تڏھن اک لڳي،
اک پيڳيم ان کي تہ اک چورائي اوءِ، مون کان پڳي.
اک پٽيم جائس جڏھن، ڪاڏيم سزا تڏھن اک پٽيم،
جڏھن مران اک ٻوٽيان، اک ٻوٽيم غفلت ڪيم.
دوست! اک ڏيکار تون، دشمن کي اک ڏيکاري مون،
جو اکيون تو تي ڪڍي، تنھنجون پلي تون ڪڍ اکيون.
چو وجھين مون ۾ اکيون، منھنجي ٻُڏي تو ۾ نہ اک،
ٿو رکان نت اک ۾ توکي، پئيم تا اک ۾ نہ مک.

مرزا قليچ بيگ پنهنجي مثنوين ۾ سندا خيال ۽ تجربا بہ بيان ڪيا آهن تہ مختلف مثنوين جو ترجمو پڻ پيش ڪيو اٿس. اهڙي ئي هڪ مثنوي ملي ٿي، جنهن ۾ پاڻ مولانا روميءَ جي مثنوي مان حضرت موسيٰ ۽ ڌنار جو قصو بيان ڪيو اٿس.

هڪ دفعي موسيٰ ڏٺو هڪڙو ڌنار، جنهن خدا کي ٿي چيو اي ڪردگار،
تون ڪٿي آهين تہ نوڪر تنهنجو ٿيان، ۽ ڳليون تنهنجي جُتيءَ جون آئون سبان،
تون ڪٿي آهين تہ توکي ڏيان ڦٽي؟ ۽ ڪيان تنهنجي مٿي مان جون ڪٽي،
تنهنجي ڦاٽل ڪپڙي کي ٿوپو ڏيان، ۽ پيئڻ لاءِ کير آڻي تو ڏيان،
پٿيم جي سُڌ، ڪٿ ٿئي تنهنجو رهڻ، ڏيان ڌڻي ڏهاڙي توکي آئون ڏڌ ۽ مکڻ،
پنهنجون ٻڪريون توتان آئون صدقو ڪريان،ياد توکي هر گهڙيءَ وينو ڪريان،

حضرت موسيٰ جڏهن ڌنار جون اهي بيهودا ڳالهيون ٻڌيون تہ چوڻ لڳس:

تو سڏين جنهن کي، سو خالق سڀ جو ٿيو اُپ ۽ ڌرتيءَ کي انهيءَ پيدا ڪيو،
هڙي بيعقلي ۾ ڪيئن ڪاهي پئين، ناهين مومن تون مگر ڪافر ٿئين،
ڪهڙي بڪ بيهودي ڪئي تو اختيار ڪفر ناحق ٿو بڪين، ڪر ڪا سنڀار،
چا جُتي چا ماني لائق تنهنجي آهہ اهڙي ڪنهن شيءِ جي خدا کي گهُرج ناهہ
عقل پنهنجي جو وجي ڪر ڪو علاج، چا ڌٽيءَ کي هوئي جسم ۽ احتياج،
کير پيئندو سو ننڍو ٿي جو وڏي، ۽ جُتي سو پائي جنهن کي پير هوئي،
حق جٽي ٿو ڪين ۽ جائو نہ پاڻ، سو ڌٽي چمنڊڙ چٽنڊڙجو سڃاڻ،

شبان ڌنار حضرت وسيٰ جون ڳالهيون ٻُڌي ماٺ ٿي ويو ۽ ڪٽي ڪنهن پاسي مُنهن ڪيائين.

هي ٻُڌي، پيو غم ۾ ويچارو شبان، چيائين موسيٰ: بند ڪيئي منهنجي زبان،
ٿيو پشيمانيءَ کان حال ان جو تباهہ ڦاڙي ڪپڙا ٿيو روان ۽ ڪيائين آهہ

ان سموري ماجرا تي الله تعاليٰ، حضرت موسيٰ کي ڏوراپو ٿو ڏئي تہ: تو مون کان منهنجو بندو جدا ڪيو آهي.

تڏهن ڏنو ڏوراپو موسيٰ کي خدا، منهنجو بندو تو ڪيو مون کان جدا،
موڪليو مون تو کي هو هت وصل لاءِ، ڪين تون هت آيو هئين فصل لاءِ،

توکي ڪرڻو آهي هر هنڌ اتـــفاق، وجهه نہ ڪڏهين تون نفاق آڻي فراق،
سڀ کي سيرت پنهنجي پڻ مون ڪئي مباح،سڀ کي پنهنجي ٻولي پنهنجو اصطلاح،
هڪ جي لاءِ جا مدح، سا ٻئي لاءِ گلا، هڪ جي لاءِ جا ماکي، ٻئي لاءِ زهر سا،
هند جي ٻولي تي هندين لاءِ چڱي، سنڌ جــي ٻولي تي سنڌين لاءِ چڱي،
آئون نہ ٻاهر کي ڏسان نہ قال کي، آئون ڏسان اندر کي ٿو ۽ حال کي،
تون اندر ۾ عشق جي ڪا باهہ ٻار، ساڙ سڀ فڪر ۽ عبارت کي وسار،
عشق جو مذهب ٿيو سڀن کان جدا، عاشقن جو مـــذهب آهـــي نت خـــدا،

الله تعالي جي ڏوراپي کان پوءِ موسيٰ جي دل کُلي ۽ ڌنار جي پنيان ڪيس ڳولڻ لڳو،
تنهن کان پوءِ موسيٰ جي دل کولي خدا، رازوا ُنها سڀ تنهن کي معلوم ٿيا،
حق کان جڏهن کيس ايءَ آيو عتاب، پــيو پ ُٺيءَ ٻڪرار جي تڏهن شتاب،
ويو هليو صحرا ۾ پيرن تي سندس، پر نہ هو ارمان کان او ُ پنهنجي وس،
ڪڏهن تي پيرن پر هليو هيٺ ۽ مٿي، ڪڏهن مڃيءَ جان ٿي رڙهيو او ُ پيٽ تي،
نيٺ ان کي هٿ ڪيائين هڪڙي جاءِ ۽ ڏنئين خوشخبري، هئي جا ان جي لاءِ،
سڀ عمل ۽ قول تنهنجا ٿيا معاف، ٿيون بہ ميرايون مدايون تنهنجون صاف،
ڪفر تنهنجو دين ۽ دين عين جان، تون امن ۾ توکان جڳ ٿيون منجه امان،

حضرت موسيٰ جي ڌنار کي خوشخبري ٻڌائڻ تي کيس وراڻي ٿو تہ:
هن چيو:

اي موسيٰ! آئون آهيان لنگهيو حد انهيءَ کون، غم کان ٿيو منهنجو پلو،
تو هنيو چهبڪ، مون کي گهوڙي کنيو اُپ جــي گنبذ کان مٿي نيئي هنيو،
آفـــرين رحـــمت خـــــدا جي تو مٿي، جـــو نـــيئي ناسوت کان لاهوت ڏي،
(بيگ، 1959: 6، 8، 177، 195)

**غزل:** غزل کي عروضي صنفن ۾ وڏو درجو حاصل آهي، اڪثر عروضي شاعرن جي محبوب ۽ مرغوب صنف غزل ئي رهيو آهي. غزل ۾ عشق، حسن ۽ محبت جون مقالون ڪيون ويندڀون آهن تہ تصوف، اخلاق ۽ مذهب جي پرچار بہ ٿئي. مطلب هن صنف ۾ ڪيترائي موضوع اچي سگهن ٿا. غزل جو پهريون شعر (مطلع) هم قافيا ۽ هموزن هوندو آهي باقي شعرن جون سٽون هموزن تہ هونديون آهن پر قافيو فقط شعر جي پوئين سٽ ۾ ايندو آهي، جيڪو مطلع سان هم قافيا هوندو آهي. هن ۾ پنجن کان گهٽ ۽ سترهن کان

وڏيڪ شعر نہ ٿيندا آهن. غزل جي هر شعر ۾ الڳ خيال سمايل هوندو آهي. پر مرزا قليچ بيگ پنهنجي غزلن لاءِ چئي ٿو تہ:

”معلوم هجي تہ غزل اڪثر عشقيہ مضمون تي هوندا آهن ۽ غزل جو هر هڪ بيت عليحدو خيال ڏيکاريندو آهي ۽ ان جي سيني بيتن جو پاڻ ۾ ڪو واسطو نہ هوندو آهي. پر منهنجا غزل ٻئي قسم جا آهن. اُهي عشقي، اخلاقي، تاريخي وغيره مضمونن تي لکيل آهن ۽ سيني بيتن جو لاڙو انهيءَ هڪڙي مضمون ڏي آهي.“ (بيگ، 1989: ديباچو 7)

مرزا قليچ کي پڻ غزل سان بيحد شغف هو جو سندس غزلن جو الڳ ديوان (ديوان قليچ) پڻ آهي هتي مرزا قليچ بيگ جي ڪجھہ غزلن جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

بحر هزج سالم جي وزن تي رچيل هڪ غزل ۾ مرزا صاحب مسلمانن کي علم جي ترغيب ڏئي ٿو تہ اڄ جي دور ۾ علم وڏي دولت آهي. هر هُنر ۽ ڪم ۾ علم جو عمل دخل آهي ڇوتہ علم سان ئي سڀ ڪم ڪاريون سهنجائيءَ سان اڪاري سگهجن ٿا.

زمانو پيو اوهان کي هيئن، پڪاري اي مسلمانو،
اشارو منهنجي گردش جو، نہ سمجهو ڪوڙو افسانو.
آهي اڄ وقت سو آيو جنهين منحصر آهي،
عقل ۽ علم تي انسان جوخود آب ۽ دانو.
ضرورت علم جي هر ڪنهن، هنر ۽ فن ۾ آهي اڄ،
رهي آباد ان کان رازي ۽ واڍي جو اڄ خانو.
نهاريو جيڏي تيڏي حڪم آهي علم جو جاري،
مٿان ساري خدائي، علم هيئان ان جو پيمانو.

ساڳئي وزن تي مرزا صاحب دنيا ۽ آخرت حاصل ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ جنهن جو جيءُ جيڪو چاهي اهو حاصل ڪري سگهي ٿو وٽيس تہ هيءَ دنيا يا عقبيٰ حاصل ڪري يا پنهنجي عمل ۽ ڪردار سان ٻنهي ۾ سُرخرو ٿئي.

هيئئي دنيا ۾ دل دلبر سان لائي، جنهنجو جيءُ چاهي،
۽ ساڻس وصل هُن دنيا ۾ پائي، جنهنجو جيءُ چاهي.
سِڪي ديدار کي سُهڻي سڄڻ کي جيڪڏهن ڪو هِت،
ڏِسي هِت حسن ان جو پڻ ڇِتائي، جنهنجو جيءُ چاهي.
گهُري جو گنج هُت اڻ ڪُٿ، تہ مِلڪ ۽ مال هِت پنهنجو،
خدا ڪارڻ خوشيءَ سان سو لُٽائي، جنهنجو جيءُ چاهي.

هميش جي حياتي جيڪڏهن ڪو مرد چاهي هُت،
مرِي اڳ جان پنهنجي هِت، جلائي، جنهنجو جيءُ چاهي.
قـــــليـــچ، انـــجام ڏه دنيا ۽ ستر آخرت هُت آهه
هِتي اُن سُڌ لاءِ سودو هلائي، جنهنجو جيءُ چاهي.
(بيگ، 1959: 38)

”قليچ“ جي غزل ۾ اسان کي هڪ شوخ ۽ طرار معشوق جي تصوير ملي ٿي. اهو معشوق، حسن و جمال ۾ يوسف ثاني آهي، جنهن جو سراپا ”قليچ“ هيئنئين نموني بيان ڪري ٿو:

دلـبر جي قد ۽ بـُت جو ڏيان توکي آئون نظير،
هڪ سـرو جئن بلند ۽ ٻيو بدر جيئن مـُنير.
ان جـي ڏيـان چپن جا ۽ زلفن جا پڻ مثال،
هڪ لـعـل ۽ عقيق، ۽ ٻيا عنبر ۽ عنبير.
اک ان جي خوف ۾ وجهي، چپ ان جو ڏئي اميد،
هڪ منهنجي لئہ نذير ۽ ٻيو منهنجي لئہ بشير.
پڻ، بت ۽ وارن ان جي جا، تمثيل رنگ ۾،
هڪ ٿيو سفيد کير جان، ٻيو ڪارو مثل قير.
(**بيگ، 1989:** 64)

بحر رمل مثمن مقصور جي وزن تي هڪ غزل ۾ مرزا پنهنجي اندر جا احوال اوري ٿو. هو جانب جي جدائيءَ ۾ هوائن ۽ پکين وسيلي پرينءَ ڏي پيار جا پيغام ۽ روچوڙي جا ورلاپ ورجائي، وصل لاءِ واجهائي ۽ ٻاڏائي ٿو. بهار جي مند ۽ پنڇين جي منين لاتين تي محبوب جي محبت کي ساري، سنڀاري، اوساري ڪيس دردن جي دوا ۽ مسيحا ڪوٺي ٿو. سندس هن غزل جي سٽن ۾ سوز گداز ۽ موجزن سمنڊ واري رواني ۽ جولاني پسجي ٿي.

ڏي صبا! سعيو ڪري، آڻي سنيهو يار جو
من موهن منٺار دلبر، دل گهرئي دلدار جو
ٿي بهارري وئي خِزان، سَر سبز ٿيا صحرا سيئي،
بـُلـبـلن ۾ گفتفگو، پيو هر گهڙي گلزار جو.
ٿو وِجهان هر وقت فالون، ۽ نهاريان چو طرف،
ماڻ ڪاٺئون کو لنوي، ڪانگل پرينءَ جي پار جو.

عمر ساري هِجر جي، هاجي ڪيو مون کي هلاڪ،
يا الاهي! ڪو دلاسو دوست جي ديدار جو.
اي عزيزو! ڪا ڪجو منهنجي مسيحا کي خبر،
هاڻ هَي هَي! حال ڪونهي، بِرهه جي بيمار جو.
غم نه ڪاءُ ڪر صبر، سُوَن ۾ سدائين اي ”قليچ“
مَرد مُوئون کِينَ ڪن، سنسو انهي سنسار جو.
(بيگ، 1989: 264)

**قصيدو:** قصيدو عروضي شاعريءَ ۾ غزل کان به آڳاٽو ۽ بنيادي آهي، قصيدي جي وصف ۽ وضاحت لاءِ ابراهيم خليل لکي ٿو ته: ”لغت ۾ قصد ڪيل يا ارادي ڪيل شيءِ کي چئبو آهي. پر اصطلاح ۾ انهن شعرن کي چئبو آهي، جن ۾ ڪنهن جي هجو يا مدح ذڪر ڪيل هجي يا وعظ و نصيحت يا بهار جي تعريف يا زماني جي شڪايت وغيره جا مضمون ڏاڍي ڌام ڌوم سان بيان ڪيل هجن، جنهن مان شاعر جي طبعيت جو زور معلوم ٿئي. قصيدي ۾ پندرهن کان گهٽ شعر نه ٿا ٿين ۽ وڌيڪ ۾ وڌيڪ جو ڪو تعداد ڪونهي پر تمام ڊگهو قصيدو لکڻ ٺيڪ نه آهي. قصيدي جي پهرين ٻن مصرعن ۽ هر شعر جي ٻي مصرع ۾ قافيه جو هئڻ ضروري آهي.“ (خليل، 2018: 239).

مرزا قليچ بيگ جي شعري مجموعن ۾ پڻ قصيده ملن ٿا. پاڻ هر عروضي صنف جيان قصيده گوئي ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سندس ڪجهه قصيدن مان نموني طور اختصارسان پيش ڪجي ٿو. چوته سندس قصيدن ۾ شعرن جو تعداد پندرهن کان ٽيهن شعرن تائين ۽ ان کان وڌ پڻ آهي. بحر خفيف مخبون مقصور جي وزن تي هڪ قصيدي ۾ پاڻ محبوب جي واکاڻ هن طرح ڪري ٿو سندس چهري کي سج، چنڊ ۽ چمڪندڙ تاري سان ڀيٽائي ٿو. سجڻ جي سونهن کي حورن جي حسن کان وڌ ڀانئين ٿو، محبوب جي هر هڪ عضوي ۽ ادا جي خوب تعريف بيان ڪري ٿو ته:

منهنجو محبوب ماهپارو آهه سج اڳيان جنهن جي شرم وارو آهه.
عشق جي آسمان تي بيشڪ، چمڪندڙ سونهن جو ستارو آهه.
جسم نازڪ سجڻ جو سر تا پا، حور جان نُور جو نظارو آهه.
هڪڙي لحظي ۾ منهنجي مارڻ لاءِ بس سندس اکين جو اشارو آهه.
لعل لَب جو مٺاڻ ڇا چئجي، قند، مصرِي به اُت ڪسارو آهه.
ڳل گُلابي ڏسي، ڳري ٿو گلاب، ڏاڍي حيرت ۾ پڻ هزارو آهه
(بيگ، 1989: 299)

بحر هزج مثمن سالم جي وزن تي هڪ قصيدي ۾ پاڻ الله سبحانُه کان دنيا ۽ آخرت جي خيريت، عافيت ۽ ڪامراني جي لاءِ دعاگو آهي تہ:

نہ آهي تو بنا منهنجو ڪو پالڻهار يا الله!
ڪرم سان منهنجو ڪر پورو، تون ڪاروبار يا الله!
رکج دنيا ۾ با عزت، رسائج موت با ايمان،
ڏيکارج آخرت ۾ پڻ پنهنجو ديدار يا الله!
گناهن ۽ خطائن ۾، گذاري مون عمر ساري،
مگر ته دل ڪيم توبهہ ۽ استغفار يا الله!
آهيان بيڪار آئون بيشڪ، مگر بنيو آهيان تنهنجو،
تون مالڪ منهنجو ٿئين، ستار ۽ غفار يا الله!
هجن حيران جت سڀ حال، پنهنجي ۾ "قليچ" ات شال،
ڪري منهنجي شفاعت سيد الابرار يا الله!
(بيگ، 1989: 302)

**مسمط:** جو مفهوم آهي موتي ڏاڳي ۾ پوئڻ، اهڙي ريت هن عروضي صنف ۾ ٽن کان ڏهن مصرعن وارا بند (شعر) موتين وانگي پوئبا آهن. هر بند جو مصرعون پاڻ ۾ هموزن ۽ هم قافيا هونديون آهن ۽ هر بند جو جدا قافيو هوندو آهي پر بند جي پڇاڙي واري مصرع پهرئين بند جي قافيي سان هم قافيہ هوندي آهي. مسمط جي اٺن نمونن ۾ مثلث، مربع، مخمس، مسدس، مسبع، مثمن، متسع ۽ معشر اچي وڃن ٿيون.

مرزا قليچ بيگ وٽ بہ مسمط جا ڪجهہ قسم ملن ٿا جن مان مربع، مخمس، مسدس ۽ مثمن کي هن هيئت بيان ڪجي ٿو. بحر هزج اخرب مخبون مسدس جي وزن تي رچيل هن مسمط_ مربع (چئن مصرعن جو بند) ۾ بهار جي موسم جو بيان ملي ٿو. هو پنهنجي پياري کي بهار جي رُت جا سهڻا نظارا پسائي ملڻ جي مدعا ڪري ٿو.

آءُ موتي سڄڻ، جو اڄ بهار آهہ
صحر سڄو ڏس تہ لالہ زار آهہ
پرپور گلن سان شاخسار آهہ
بلبل جي انهيءَ ڪري پڪار آهہ.

آءُ موتي هلي وسايون خِلوت،
۽ پاڻ ۾ اچ ڪريون ڪا صحبت،
جاڻون هي ٻہ چار ڏينهن غنيمت،
جو عمر تي ڪو نہ اعتبار آهہ.

آءُ موتي ڪريون قرار ڪو دم،
ڪي ڏينهن ڇڏيون وساري سڀ غم،
صحبت ريءَ سڄڻ! ڪريون نہ ٻيو ڪم،
دنـــيـــا رڳـــو خواب ۽ خمار آهہ
(بيگ، 1959: 350)

**مخمس:** هن ۾ پنجن مصرعن وارا بند آٺ آهن. قليچ بيگ هن مخمس ۾ رب ۽ بندي جو ناتو قائم ٿو ڪرائي، چوي ٿو تہ جيڪا مطلق هستي پوري عالم تي مسخر آهي، انهيءَ هستيءَ جو مسڪن ۽ مڪان بندي جو وجود (دل) آهي. هي مخمس بحر خفيف محذوف مقصور جي وزن تي آڌاريل آهي. هن ۾ قليچ بيگ جي طرفان هڪ ندرت پڻ نظر اچي ٿي جو هر بند جي پنجين مصرع ورجاءَ طور ساڳي آندي وئي آهي.

جنهنجو عالم ۾ هر جڳهہ اُهڃاڻ،
تنهنجو آهي اصل وجود وٿاڻ،
جت سُجهي منهنجو ڪونہ ڄاڻ سُڃاڻ،
اُت پـرين مون ڪي ٿو پسائي پاڻ،
ڇوتہ منهنجو خدا آهي مون ساڻ.

آهـــي منهنجي سدا خدا تي نظر،
رات هوئي، ڏينهن هوئي ڪ شام سحر،
نہ انـــڌاري نہ ســوجهري ۾ خطر،
ڪونهي ڪنهن پر مون کي ڏکن کان ڏر،
ڇـوتہ منهنجو خدا آهي مون ساڻ.

بحر هزج سالم جي وزن تي سندس هڪ مخمس پردي جي تعريف بابت پڻ ملي ٿو ته تماشائين ۽ بي آبرو ماڻهن لاءِ ته پردو آزار ۽ بيڪار آهي پر عزتدار لاءِ پردو برائين ۽ بيحيائن کان بچڻ لاءِ ڪوٽ ۽ قلعو آهي.

جي ابن الوقت آهن تن جي لاءِ آزار ٿيو پردو،
نه جن کي ننگ ۽ ناموس تن لاءِ عار ٿيو پردو،
تماشائي جي ميڙن جا، تني تي بار ٿيو پردو،
جتي شرم ۽ حيا ڪونهي، اُتي بيڪار ٿيو پردو،
اکين ۾ تن انڌن جي جڻ، ڇُپڻ لاءِ خار ٿيو پردو.

لکين خوبيون ۽ نيڪيون پاڻ منجه پردو لڪائي ٿو
هـــزاريـــن فـــائـــدا ديني ۽ دنيائي رسائي ٿو،
گناهن کان گهٽڻ قسمن جي، مردن کي هٽائي ٿو،
بد انديشن ۽ بدڪارن کان، زالن کي بچائي ٿو
شرارت، شيطنت ٽارڻ جو ذمه دار ٿيو پردو.
(بيگ، 1959: 130، 266)

**مسدس:** هي پڻ مسمط جو هڪ قسم آهي، جنهن جي هر بند ۾ ڇهه مصرعون ٿين ٿيون، پهرين بند ۾ ڇهي سڀئي پاڻ ۾ هم قافيه ۽ هموزن هونديون آهن ته باقي بندن جو سڀئي پاڻ ۾ الڳ قافيي سان هم قافيه هونديون آهن پر هر بند جي آخري ڇهين سٽ پهرين بند سان هم قافيه هوندي آهي. پر ڪجهه شاعر مسدس ۾ چار مصرعون هم قافيه ۽ پنجين ڇهين مصرع پاڻ ۾ هم قافيه آڻيندا آهن. مرزا قليچ بيگ وٽ به مسدس جو اهڙو قسم ملي ٿو جنهن کي ابراهيم خليل بي قاعده مسدس ڪوٺي ٿو:

جي قائم رهي پاڻ ۾ خوش ڪلامي،
يقين دور ٿيندي جهان تان غلامي،
۽ سنسار ٿيندو اسان جو سلامي،
خوشيءَ جا سڀئي نظم پڙهندا نظامي،
وڙهڻ مان نه وريو نه ڪجه هاڻ ورندو،
بيائي جو بيڙو ڪڏهن ڪين ترندو.

”مثال بي قاعده مسدس جو آهي، جنهن جي هر هڪ بند جي پنجين ۽ ڇهين مصرع رڳو پاڻ ۾ هم وزن ۽ هم قافيه آهي.“ (خليل، 2018: 298)

علم هنر جي ضرورت ۽ اهميت تي سندس مخمس بحر تقارب سالم ۾ ملي ٿو جنهن مان هڪ بند ڏجي ٿو.

آهي امر هي وقت جي مصلحت جو
ته محتاج ٿئي هر ڪو اڄ علميت جو
سبب آهي ايءُ قدر ۽ منزلت جو
لڪل ان ۾ اسرار ٿيو سلطنت جو
اها آهي طاقت انهيءَ **ڪيميا** کي،
ته هڪڙو ڪري ٿي سا شاه و **گدا** کي.

بحر رمل مخبون مثمن جي وزن تي سندس مخمس عشق ۽ حسن جي جهيڙي بابت ملي ٿو جنهن ۾ عشق، حسن کي چئي ٿو ته دنيا اندر هر ماڻهو تنهنجي زيب زينت جي تعريف ڪري ٿو سو سڀ منهنجي ڪري ئي آهي، ان لاءِ توکي منهنجو لحاظ ڪرڻ جڳائي.

عشق چيو حسن کي هڪ ڏينهن ته اي حسن ادا،
تنهنجي تعريف، سبب کهڙي ڪري جڳ ٿو سدا،
توتي پيو موهجي هر ملڪ ۾ ٿو شاه و گدا،
ڪو چوي حسن، خدادا، ڪو چوي شانِ خدا،
پر ٿيس تنهنجو خريدار آئون، رک منهنجو ادب،
تنهنجي تعريف ۽ عزت ٿي، مڙئي منهنجي سبب.
توکان وڌ توکان اڳي، ملڪ ۾ آئون هئس مشهور،
ساري خلقت جو سبب مون کي چوڻ گهرجي ضرور،
عشق نالو آهي منهنجو رهان آئون حق جي حضور،
حڪم منهنجو ٿو هلي جڳ مٿي، نزديڪ ۽ دور،
نه هجان آئون ته هجي ڪنهن ۾ نه ڪو هوش حواس،
سارو عالم ٿي وڃي مون کان، بنا هڪ لحظي ۾ ناس.
هي ٻُڌي عشق جي گفتار، چيو حسن ته واه!
پاڻ کي چو ٿو پڏائين، ڇو ٻين مان ڪيين لاهه؟

وصف منهنجي جي ٻُڌين، سڀ ڪرين قصا ڪوتاهه
عشق انڌو آهي مشهور، لڪين ڪيئين گمراهه
(بيگ، 1959: 80، 182)
حسن حيرت ۾ وجهي، عشق ڪري خانا خراب،
تنهنجو اسباب شراب آهي، ڪباب آهي رباب.

**مثمن:** هن ۾ اٺ مصراعون هونديون آهن پهريون بند هم قافيه ۽ باقي بندن جي اٺين مصرع پهرئين بند سان هم قافيه هوندي آهي. پر مرزا صاحب جي هي مثمن، سندس مسدس جيان مختلف آهي، جنهن ۾ هر بند جون ڇهه مصرعون هموزن ۽ هم قافيه ٿين ته وري ستين، اٺين مصرع پاڻ ۾ هم قافيه آهن. هر بند جي ستين ۽ اٺين مصرع ۾ پهرئين بند جي ستين ۽ اٺين مصرع وارو ساڳيو ورجاءُ آندل آهي.

بحر تقارب سالم جي وزن تي آڌاريل هن مثمن ۾ مرزا قليچ بيگ موت جي يادگيري جو ذڪر ڪري ٿو ته هو روزانو پنهنجي موت کي ياد ڪري الله تعاليٰ کان مغفرت ۽ بخشش جي دعا طلب ڪري ٿو. فقط هڪ بند پيش ڪجن ٿا.

ٻُڌو ڳاله جا آئون اوهان کي چوان ٿو
ٿي عادت اها منهنجي، جنهن تي هلان ٿو
وڃي هنڌ تي پنهنجي جڏهن سمهان ٿو
چوان دل ۾ پنهنجي ته هاڻي مران ٿو
صبح جو سويرو جڏهن آئون اُٿان ٿو
تڏهن چاڻان دل ۾ ته جيئرو ٿيان ٿو
سدا موت کي ياد ان پر ڪريان ٿو
ڏهاڙي مران ٿو، ڏهاڙي جيان ٿو.
پيل لاش پنهنجي اکين سان ڏسان آئون،
رڙيون پارڙن جو ڪنن سان ٻڌان آئون،
ڏسي زال کي پنهنجي رئندو رئان آئون،
ڏُکارو ڏِسي تن کي غمگين ٿيان آئون،
وڃي روح سان تن جي ويجهو وِهان آئون،
ڪري پيار تن کي دلاسا ڏيان آئون،

سدا موت کي ياد ان پر کريان ٿو
ڏهاڙي مران ٿو ڏهاڙي جيان ٿو.
(بيگ، 1959: 420)

مٿئين مختصر عروضي صنفن جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ عروضي شاعريءَ ۾ انگريز دور جو با ڪمال شاعر آهي جيتوڻيڪ هن ڪافي، سي حرفي، مناجات ۽ ٻيون ڪلاسيڪي ۽ عوامي صنفون پڻ لکيون آهن پر عروضي شاعريءَ ۽ شاعرن ۾ سندس نانءُ اعليٰ ۽ ارفع آهي ۽ هر وجه سان سندس نالو سونن لفظن سان چانديءَ جي ورقن ۾ لکڻ لائق آهي. جو هن مڙني صنفن ۽ صنعتن تي ڀرپور طبع آزمائي ڪري سنڌي عروضي شاعريءَ کي ان اوج ۽ اقبال تي پهچايو آهي، جو سنڌي قوم ۽ ادب مٿس نازان آهي. هن مقالي ۾ مرزا قليچ بيگ جي عروضي صنفن جهڙوڪ: فرد، قطعه، رباعي، مثنوي، غزل، قصيدو ۽ مسمط جي ڪجهه قسمن جو عروض جي مختلف بحر وزنن سان موافق ۽ ٺهڪندڙ اڀياس ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ قليچ جي فڪر، فن، لغت، لسانيات، ڏات ۽ ڏاهپ، معيار ۽ مهارت، ڪمال ۽ جمال جا جوهر ۽ جهرڪا روشن سج ۽ چمڪندڙ چنڊ وانگر جاءِ بجاءِ نظر اچن ٿا. مرزا قليچ بيگ کي عالمن ۽ اديبن هنرمند، محنتڪش شاعر پڻ ڪوٺيو آهي پر ڪيس ”ڪاهوڙي شاعر“ چئجي ته پڻ بجا ٿيندو.

هي مقالو مرزا قليچ بيگ جهڙي وڏي ۽ وسيع، اعليٰ ۽ اُتم پايي جي شاعر جي عروضي صنفن جو مڪمل احاطو نه ٿو ڪري جو سندس عروضي صنفن جو دائره ڪار تمام وڏو آهي، جنهن لاءِ ايم. فل يا پي. ايڇ. ڊي جو مقالو درڪار آهي. آس آهي ته مرزا قليچ بيگ جي نثر ۽ نظم جي ٻين پهلوئن سان گڏ سندس عروضي صنفن تي پڻ تحقيق ڪئي ويندي.

## حوالا:


1. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، (1998)، هڪ جلدي سنڌي لغت، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو.
2. بيگ، مرزا قليچ، (1959)، چندن هار، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيهريون.
3. بيگ، مرزا قليچ، (2012)، سائو پن يا ڪارو پنو ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو چوٿون.

4. بيگ، مرزا، قليچ، (2016)، علم عروض، ڇاپو ٽيون، مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي.

5. بيگ، مرزا، قليچ، (1989)، ديوان قليچ، ڇاپو ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو: ڇاپو ٻيو.

6. خليل، محمد ابراهيم شيخ، ڊاڪٽر، (2018)، سنڌي شاعريءَ علم عروض، ڇاپو ٻيون، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي.

7. سائل، سترامداس، (2013)، علم عروض (شاعري فن جو گيان)، حيدرآباد: ڪويتا پبليڪيشن.